ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي

# اَدَبَ ۾ تَصَوُفُ

## TASAWUF AND LITERATURE

**Dr. Jagdesh Lachhani,** Indian Writer

**ABSTRACT**

This article has been written to trace out historical significance of "TASAWUF" with relation to religion and literature. The writer has given details about the historical role of "TASAWUF" with reference to poetry and religion, and has tried to compose the universal message of life, Global peace, unity and brotherhood.

تصوف (Tasawwuf) اسان سنڌين جي رڳ رڳ ۾ خون جيان گردش ڪندو رهي ٿو. تصوف جو واسطو عالمي امن ۽ اِنساني محبت سان آهي. تصوف، رنگ –ڀيد، مذهب، فرقي ۽ جاتيءَ جي تفاوت کان مٿي اُڀري، انسانيت جو عَلَم بردار بڻيو. شاهه سائين ڏسو، اِنسان ذات جي بهتري ۽ بهبوديءَ لاءِ ڀارت جي رشين-منين جيان، سموري خدائيءَ لاءِ رب پاڪ کان دعا ڪيئن ٿو ڀني:

سائينم، سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

دادا جَنِ* پنهنجي واڻيءَ ۾، بيبي رابع کي خوب ياد ڪندا آهن. بَصرا جي بيبي رابع، پهرين عورت هئي، جنهن تصوف اختيار ڪيو. هو چوي ٿي:

"اي خدا، جيڪڏهن مان تنهنجي بندگي صرف دوزخي عذابن کان بچڻ لاءِ ئي ڪريان ٿي، ته مون کي دوزخ ڏج، ۽ جيڪڏهن مان بهشت جي حاصلات لاءِ ائين ڪريان ٿي ته مون کي ان کان به محروم ڪج. پر جيڪڏهن مان تنهنجي بندگي صرف تنهنجي محبت جي حاصلات لاءِ ئي ڪريان ٿي ته تون پنهنجو خوبصورت روپ مون کي ڏيکارڻ ۾ بلڪل دير نه ڪج."

تَصَوُفُ (Tasawwuf) جي لغوي معنيٰ به اِهائي آهي، دِلِ مان دنيوي

* ڀارت جو سنت جشن واسواڻي



خواهشون ڪڍي، خدا جي بندگيءَ ۾ من لڳائڻ جو عمل يا روحاني احساسات جو اپياس.

صوفيءَ جو اشتقاق "صوف" مان آهي، جنهن جي معنيٰ "اُن" آهي.(1)

حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم بعد جيڪي جوڳي عبادت ڏانهن مائل هئا، اڪيلائي ۽ بندگيءَ ۾ ٿي گذاريائون، خلق جو ڀلو جن جي مراد هئي، ۽ جيڪي پشم جي پوشاڪ پائيندا هئا، اُهي ئي صوفي نالي سان مشهور ٿيا. اُنهن پنهنجي روحاني ساڌنا لاءِ جيڪورستو اختيار ڪيو، ۽ روحاني راز سليا، اُنهن جو نالو ئي تصوف يا صوفي-مت آهي.

شاهه صاحب به صوفي انهيءَ شخص کي ٿو سڏي، جنهن پنهنجو اندر صاف ڪري، پرينءَ جو مشاهدو ماڻيو آهي:

صوفيءُ صاف ڪيو، ڌوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

تصوف جي ترقيءَ جون چار منزلون آهن. شاهه عبداللطيف جو طريقو صوفي هو. هيءُ شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جو صاحب هئو. شاهه ڀٽائي انهن چئني ڏانهن پنهنجي رسالي ۾ اِشارو ڪيو آهي:

ساري سک سبق، سهٽي شريعت جو،
طريقتا تکو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن جو.

شاهه، شريعت جو پابند هوندي به، بي تعصب صوفي ۽ انسان ذات جو ڀلو چاهيندڙ هئو. خلق جي خذمت به ڪندو هئو:

روزا ۽ نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
اهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

صوفياڻو ڪلام، شاهه جي رسالي ۾ جاءِ بجاءِ ٽڙيل پکڙيل آهي. اهو ڪو سر ڪونهي، جنهن ۾ اهو سڌيءَ يا اڻ-سڌي طرح آيل نه هجي. تصوف جا مول متا، شاهه جي رسالي ۾ موجود آهن. شاهه جو شعر پڙهبو ته ان ۾ هر رنگ نظر ايندو.

شريعت جو مدار ظاهر تي آهي ۽ طريقت جو باطن تي. جيڪو باطن آهي ته ظاهر پڻ آهي. جسم ظاهري آهي ۽ روح باطني. "قرآن پاڪ جا جيڪي ظاهري احڪام اِنساني جسم سان تعلق رکن ٿا، تن جو نالو شريعت جي پاڪيزگيءَ ۽

صفائيءَ لاءِ نقطا معلوم ٿين، جن ڏانهن اهل دل جو توجهه ڇڪجي ٿو، اُنهن جو نالو طريقت آهي. درحقيقت طريقت ۽ شريعت هڪ ئي سرچشمي جا ٻه وهڪرا آهن ۽ منجهن ڪوبہ اختلاف ڪونهي.“(2)

شاهه سائين اِهو ذهن نشين ٿو ڪرائي تہ شريعت جي حڪمن جي بجا آوري سچائي ۽ صاف دل سان ڪرڻ جڳائي:

ڪڍ تون دغا دل مان، صاحب وٽي سچ،
محبت سندو من ۾، ماٽڪ ٻارج مچ،
ان پر اٿي اچ، تہ سودو ٿيئي سڦرو.

حق حقيقي هيڪڙو آهي. ڪثرت وحدت آهي، وحدت ڪثرت. اها وحدت ۾ ڪثرت ۽ ڪثرت ۾ وحدت، سندس صوفياڻي خيال جو نتيجو آهي.

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀل.

طريقت جي راهه ۾ طالب کي پنهنجي اندروني مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. پنهنجو نفس مارڻو آهي. ڇاڪاڻ جو تصوف جو مول متو ۽ موضوع آهي، ’عرفان نفس‘ يعني پنهنجو پاڻ سڃاڻ يا جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. جيئن سهڻيءَ لاءِ درياهه ۽ ان جا دهشتناڪ ڪُن مشڪلاتون هيون، تيئن طالب لاءِ دنيوي تعلقاتن جون رنڊڪون آهن. اُنهن رنڊڪن تي حاوي پوڻ سانئي حقيقتن جي راهه کلي ٿي، ۽ پوءِ:

پيهي جا پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

يا

پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.

طالب کي پنهنجو وجود گم ڪرڻو آهي. وجود گم ٿيڻ سان ئي وصال جو وقت اچي ٿو.

پاڻ وڃايم پانهجو، پيئي پريان جي پاس،
رتي علم نہ راس، ڏاران پسڻ پرينءَ جي.

اِنهيءَ حقيقت ڏسڻ ڪانپوءِ، طالب معرفت جي مقام ۾ داخل ٿئي ٿو ۽



خدائي رازن کان آشنا ٿئي ٿو.

اعليٰ ادب زمان وَ مڪان جي پابندين کان آجو رهي، هر دور ۽ ماحول سان نهڪندڙ هوندو آهي. شاهه لطيف کي شعر چئي جيتوڻيڪ ٽن صدين کان بہ مٿي عرصو گذري چڪو آهي، پوءِ بہ سندس ڪلام جي ڪشش ۾ ڪمي ڪين آئي آهي.° شاهه سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾، جذبات جي شدت سان، اها تند تنواري آهي، جا اڄ ڏينهن تائين، سنڌ ۽ هند جي باشندن جي ڪنن ۾ گونجندي رهي آهي. هن کي پڙهندي، اڄ بہ اسان کي ايئن پيو محسوس ٿئي، گويا هو اسان جي آڏو ويهي، اسان سان مخاطب ٿي، چئي رهيو آهي:

ستا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

اسان کي محمد صلي الله عليه و آله وسلم جي حياتيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ دنيوي معاملات مان ڪنارا ڪشي ڪندا هئا. سنساري دنگا-فساد، تڪرار ڪين بي انتها بيچئن ڪري ڇڏيندا هئا. آخر چاليهن سالن جي ڄمار ۾، هو دنيا کي ڇڏي، ’حِرا‘ جي غفا ۾ هليا ويا ۽ خدا جي بندگي وجي ڪيائون. سن 609ع ۾ رمضان جي ڏينهن ۾ هڪ رات: اُنهيءَ غفا ۾ ڪيس خدائي فرمان حاصل ٿيو. قرآن شريف، انهيءَ فرمان جو نتيجو آهي. هنن پاڻ کي خدا جو عيوضي ظاهر ڪيو. ’حِرا‘ جي غفا جو اِها ابتدائي سوچ، اڳتي هلي ”تصوف“ جو بنياد بڻي. اهڙي طرح شروعاتي صوفين کي رسول الله جي زندگيءَ ۾ تصوف جا اُهڃاڻ مليا.

انين صديءَ ڌاري اسلام مذهب ۾ هڪ انقلاب آيو. قديم سوچ رکندڙ ڪٽر پنٿي مسلمانن جي خلاف هڪ آواز اُٿيو. فارس جي هڪ طبقي قديم مسلم ڪٽرپنٿين جي ويچارن جي اهڙي تہ سخت مخالفت ڪئي، جو اسلام جي مذهبي دائري ۾ هڪ طوفان ڪڙو ٿي ويو. هو دنيوي سک ماڻڻ جي خلاف هئا. ٻاهرئين ڏيک ۽ ڍونگ کان هنن کي سخت نفرت هئي. هنن پنهنجي روحاني ساڌنا لاءِ جيڪو رستو اختيار ڪيو، سو اڳتي هلي ’تصوف‘ جي نالي سان مشهور ٿيو. اهوئي سبب آهي جوڪن عالمن تصوف کي اسلام جو جزو ڪري سڏيوآهي. اُنهن جي راءِ مطابق، قرآن پاڪ ۾ ڪي فقرا آهن، جن جي صوفين وضاحت ڪري، پنهنجي ويچارن جو ڦهلاءُ ڪيو آهي. مسلم روايت، ان ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر نڪولسن وغيره ماهرن ٻاهرين اثر کي قبول ڪندي بہ ’تصوف‘ کي اسلام جو مذهبي علم ڪوٺيو آهي.

° هن جو ڪلام اڳي کان اڳرو آهي، نت نئون آهي.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ بہ ’شاھہ‘ ۾ ان ڪري ئي لکيو آھي:

”تصوف آھي اسلام جو جوھر.... قرآن شريف ۾ سمايل رازن جو تفسير، صوفين جي قولن ۾ سمايل آھي.“(4)

ابو ھاشم پھريون شخص ھو، جو صوفيءَ جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو. ھو ڄائو برابر موسل نگر ۾ ھو، پر رھندو شام ديش جي ڪوفا نگر ۾ ھو. ابتدائي صوفين ۾ بلخ جي شاہ ابراھيم بن اڌم (وفات سنبت 840) جو نالو بہ مشھور آھي. چون ٿا تہ شڪار ڪندي مٿس اِلھام ٿيو ۽ سمجھيائين تہ ھيءُ عمل سندس شان وٽان ڪونھي. پوءِ ھو دينوي بادشاھي ترڪ ڪري، فقيريءَ ۾ رھڻ لڳو. فجامل بن اياز (وفات سنبت 858) لاءِ بہ چيو ويندو آھي تہ ھو پنھنجي ابتدائي زندگيءَ ۾ ڌاڙيلن جو سردار ھو. ھڪ ڀيري ڪنھن ماڻھوءَ جي واتان ’قرآن شريف‘ جي سٽ ”ڇا اُنھن سچيءَ دل وارن لاءِ، اجا موقعو نہ آيو آھي، جو ھو پنھنجي دل ڪولي پڇتاءُ ڪن؟“ ٻڌائين. انھيءَ سٽ ھن جي ھرديہ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. ھو ڌاڙيلن جي سردار مان ڦري، ھڪ صوفي سنت بڻجي پيو. پر تصوف جي ھن ابتدائي دور ۾، سڀ کان مشھور بصري جي بيبي رابعہ ھئي، جا سنبت 849 ۾ گذاري ويئي.

ھن دور جي صوفين جو گھڻو زور گوشه نشيني ۽ عبادت تي ھو. اھو ئي سبب آھي جو ڊاڪٽر نڪولسن، ھنن صوفين کي Quietists ڪري ڪوٺيو آھي. ھنن صوفين ۾ ايراني ئي وڌيڪ ھئا. ان بعد سميريا ۽ مصر جي صوفين جو تعداد ھو. ھو نہ پرچارڪ ھئا ۽ نہ ئي دنيوي جنجھٽن ۾ ڦاٿل. ھو انتر مکي ھئا. ھنن لاءِ توبه ۽ قرباني ئي اھميت پئي رکي. پر پوءِ عيسوي نائين صدي ايندي ايندي، صوفياڻي خيال ۾ ڪافي تبديلي اچي ويئي. صوفي زاھد مان ڦري روحاني ٿي پيا.

ساڳئي صديءَ جي چوٿين ڏھاڪي ۾ حضرت بايزيد (Bayazid) پھريون صوفي ھو، جنھن تصوف ۾ ھيڪڙائيءَ جي جھلڪ پسي. ھيءُ ئي شخص ھو، جنھن فنا جي اصول کي دنيا جي اڳيان پيش ڪيو.(5)

ھتي ذن-نون (Dhun-nun) جو حوالو ڏيڻ بہ ضروري آھي. چو تہ تصوف جو مڪمل فارم ھن ئي پيش ڪيو. ھن ئي تصوف جي اصولن کي اظھار ڏنو. بغداد جي جنيد (Junayid) وري ان کي سلسلو ڏنو ۽ ابوبڪر شبليءَ (Abu Bakr Shibli) مسجد جي منار ذريعي ان جو ڦھلاءُ ڪيو.(6)

صوفين ۾ سڀ کان گھڻو نالو منصور جو آھي. ھيءُ جنيد (Junayid) جو



شش ھئو. ھن پنھنجي ’اناالحق‘ يعني آءٌ حق آھيان (I am the truth) جي نعري ڪري، روايت پرست مسلمانن کي پنھنجو دشمن بڻايو. ڪيس 979ع ۾ سوريءَ تي چاڙھيو ويو. پر مرڻ کانپوءِ سندس ڏاڍو نالو نڪتو. ھن وحدانيت يا اَدوَيت(7) جو ڦھلاءُ ڪيو. ھو انسان کي خدا جو خلقيل ڪري مڃيندو ھو: ڇو تہ خدا اِنسان کي پنھنجي شڪل ۾ اظھار ڏنو آھي.(8)

ساميءَ بہ لڳ ڀڳ ساڳي ڳالھہ چئي آھي:

سامي! سڀ ديدار، اٿيئي عجيبن جو
ڏسي ٻڌي پاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻ ھار،
نرا ڪار آ ڪار، ڌاري آيو جڳ ۾.

يارھين صديءَ ڌاري، ابو خير (Abu khair) پھريون شخص ھو، جنھن فيلسوفاڻي شعر جي تخليق ۾، پنھنجين ادبي صلاحيتن جو استعمال ڪيو.(9) ھن ئي سڀ کان پھرين تصوف کي اخلاقي اھميت ڏني ۽ امام غزاليءَ ان کي روحاني آڌار بخشيو. مجيل صوفي ۽ مذھب پرست ھئڻ ڪري، ھن کي صوفين جو اڳواڻ مڃيو ويو آھي. ناميارن صوفي شاعرن جھڙوڪ صنائي، عطار، جلال الدين رومي وغيره ھن جي ئي پوئواري ڪئي.

عربن کان وڌيڪ، تصوف جي ڦھلاءَ ۾ ايران جو ھٿ ھو: ڇو تہ تصوف ايران جي طبع موافق ھو. حقيقت ۾ اسلام جو ٻوٽو جيڪو ايران ۾ لڳو، تنھن تصوف جي ٽڙيل روپ ۾ پنھنجو ڦل آندو.

صوفي شاعرن ۾ عمر خيام، صنائي، نظامي، عطار وغيره نالا قابل ذڪر آھن. ھيءَ فارسي شاعريءَ جي روايت تمام گھڻي اڳتي وڌي ۽ ھن ۾ رومي، سعدي، حافظ ۽ جامي وغيره ناميارا شاعر پيدا ٿيا. اڄ بہ اِنھن شاعرن تي فارسي ادب کي ناز آھي. فارسي شاعريءَ جو اثر ٻين ٻولين جي ادب تي پڻ پيو. ڀارت جي اردو شاعري تہ ان کان ڪافي متاثر ٿي. ھندي ادب ۾ بہ پريم-گاٿا پرمپرا جو آغاز ٿيو. سنڌي شاعري بہ ھن اثر کان پاڻ بچائي نہ سگھي. سنڌ ۾ صوفياڻوڪلام ڪافي انداز ۾ لکيو ويو. شاھہ، سچل، نانڪ يوسف، روحل، دلپت، بيدل ۽ بيڪس وغيره جي شاعريءَ جي سرھاڻ وڃڻ جي ناھي. ايران وارو تصوف (Tasawwuf)، ويدانتي ويچارن سان ائين گڏجي مسجي ويو آھي، جيئن بوند سمائجي ساگر ۾.

”جي ورق ورائين ويھہ، تہ اکر اھوئي ھيڪڙو.“ (شاھہ)

جنھن کي صوفي ’نور‘ چون، سو ويدانت ۾ ’جوت‘ ٿيو پوي، جيڪو

صوفين وٽ ’حق‘ آهي، ويدانت ان کي ’سچ‘ ٿو سڏي. تصوف جو ’اناالحق‘، ويدانت ۾ ’اهم برهم اسمي‘ اهو ئي سبب آهي جو جدا جدا رهسيوادين جي واٽين ۾ لفظ جو ئي تفاوت آهي. بيدل فقير نيڪ ئي فرمايو آهي:

اڪران دي وچ جو ئي اڙيا
چاڙهي مور نہ چڙهيا!

جتي گيتا چوي ٿي تہ منهنجو اپياسي نشڪام يوگي، سڀ ڪم ڪندي بہ منهنجي ڪرپا سان امر پد پائي ٿو، اُتي جرمنيءَ جو فلاسافر ائڪهرٽ بہ ساڳي ڳالھ چوندو نظر اچي ٿو:

”جيڪو انسان پنهنجي سموري عمل ۾ پرماتما کي ساڻ ڪري هلي ٿو، ۽ جيڪو پرماتما ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي ڪاڻ نٿوڪڍي، اهو ئي پرماتما سان هڪ-روپ ٿي وڃي ٿو.“(10)

شاه سائين بہ ڪثرت ۾ وحدت جو ديدار ٿو ڪري:

لهرن لک لباس، پسڻ پاڻي هيڪڙو.

سمنڊ ۾ لهرون لک آهن، پر پاڻي پاڻ هڪڙو آهي. روپ سهسين آهن، پر ’اروپ‘ هڪ آهي.

هونئن بہ زندگي ئي اهم آهي، ادبي مت-متانتر پوءِ جي ڳالھ آهن. شاھ چوي ٿو:

ساهڙ، سا سهڻي، سائر پڻ سوئي،
آھ نجوئي، ڳجھ ڳجهاندر ڳالهڙي.

۽ سامي وري ساڳي ڳالھ، هينئن ٿو اظهاري:

جيئن گھاگھر لوڻ جي، پرڻ هلي پاڻي،
سنڌ ۾ سماڻي، موٽي موٽي ڪين ڪي.

ساميءَ جو اِهوسلوڪ،ڪبيرداس جو هيءُ مشهور دوهو ٿو ياد ڏياري؛ جنهن ۾ بہ ساڳيو خيال سمايل آهي:

جل ۾ ڪُنڀ، ڪُنڀ ۾ جل، باهر ڀيتر پاڻي،
ڦوٽا ڪُنڀ، جل جل هي سمانا، اِتي ڪٿئي گياني.

صوفين لاءِ بہ حديث آهي، ’من عرف نفسہ فقد عرف ربہ‘ جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. جيو آتما ۽ پرماتما ساڳي ڳالھ آهي. صرف



مايا يا طلسم کي ڏاهڻو آهي.

اِهو شنڪر آچاريہ (788-820) جو ادويت-واد آهي.

اڄ جي فرقہ-پرستي، مذهبي ڪٽرپڻي ۽ نفرت واري دنيا ۾، اهڙي ڪلام جي اهميت، اڃا بہ وڌي وڃي ٿي. اهڙو پيغام، اسان کي تنگدليءَ ۽ ونجوڳ ورتيءَ مان ٻاهر ڪڍي، هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ سيکاري ٿو. پڇاڙيءَ جو شاھ جي لفظن ۾:

اکر پڙھ الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر ڪٽي اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

## حوالا

(1) The author of the oldest extent Arabic treatise on Sufism, Abu Nasr-al Sarraj, declares that in his opinion the word sufi is derived from suf (wool)

- Encyclopedia of Religion and Ethics Vol XII, P.10

(2) شاھ ۽ صوفي-مت، ص 97

(3) A Literary History of Persia, P.417.

(4) شاھ ۽ صوفي-مت. ص. 79.

(5) With the exception of Bayazid, however the great Sufis of the third century (815-912 A.D) keep the doctrine of Faha in the back ground.

- A literary History of the Arabs, P.391

(6) Dhun-nun was the first to put the doctrines in words; Junayid of Baghdad systematized the same. Abu Bakr Shibli was the first to preach them from the minar of the mosque. Islamic Sufism, P.20

(7) جيو آتما ۽ پرماتما ساڳي ڳالھ آهي.

(8) “Man is essentially divine because he was created by God in his own image.”

- Arabic thought and its place in history. P.193

(9) “Abu Khair was the first poet, who devoted his most brilliant literary powers to the development of mystic poetry.”

- An introductory history of Persian literature, P.85.

(10) Who ever has simply and solely God in mind in all things, such a man carries God in all his works and in all places within him, and God does all his works. He seeks nothing but God; nothing appears good to him but God. He becomes one with God in every thought.” - Mysticism east and west, P.125